SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر XIV مجريه 1996

SINDH ACT NO.XIV OF 1996

بقائي ميڊيڪل يونيورسٽي ايڪٽ، 1996

THE BAQAI MEDICAL UNIVERSITY ACT, 1996

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. وصفون
Definitions
3. يونيورسٽي جو قيام ۽ هيئيت
Establishment and incorporation of the University
4. يونيورسٽي سڀن لاءِ کليل هوندي
University open to all
5. يونيورسٽي جا اختيار ۽ ڪم
Powers and functions of the University
6. يونيورسٽي جا عملدار
Officers of the University
7. سرپرست
The Patron
8. چانسيلر
The Chancellor
9. معائنو
Visitation

10. وائيس چانسيلر
Vice Chancellor
11. رجسٽرار
Registrar
12. ڊائريڪٽر آف فنانس
Director of Finance
13. امتحانن جو ڪنٽرولر
Controller of Examinations
14. ريزيڊنٽ آڊيٽر
Resident Auditor
15. ڊائريڪٽر پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ
Director planning and Development
16. اٿارٽيون
Authorities
17. بورڊ آف گورنرس
Board of Governors
19. بورڊ جي گڏجاڻي
Meeting of the Board
20. اڪيڊمڪ ڪائونسل
Academic Council
21. اڪيڊمڪ ڪائونسل جا اختيار ۽ ذميواريون
Powers and duties of the Academic Council
24. قانون، ضابطا ۽ قاعدا
Statutes, Regulations and Rules
25. ضابطا
Regulations
27. فنڊ
Fund
28. ملازمت تان رٽائرمينٽ

Retirement from Services
29. سبب ڄاڻائڻ جو موقعو
Opportunity to show cause
30. اپيل ۽ نظرثاني
Appeal to and Review by
31. پينشن، انشورنس، گريچوئٽي، پرووِيڊنٽ ۽ بينيوولينٽ فنڊ
Pension, insurance, gratuity, provident and benevolent fund
32. اٿارٽين جي ميمبرن جي مدي جي شروعات
Commencement of term of members of authorities
33. اٿارٽين ۾ عارضي آسامين تي پرتي
Filling of casual vacancies in authorities
34. اٿارٽين جي ميمبر بابت تڪرار
Disputes about members of authorities
35. اٿارٽين جي ڪارروائين جي توثيق
Validity of proceedings of authorities
36. پهريون شيڊول
First Schedule
37. ڪارروائي تي پابندي
Bar of jurisdiction
38. ضمانت
Indemnity
39. لاڳاپيل ادارا
Constituent institutions
40. ڊسيپلين
Discipline
41. رنڊڪون هٽائڻ
Removal of difficulties
1. فيڪلٽيز

Faculties

4. ٹيچنگس ڊپارٽمينٽس

Teaching Department

5. بورڊ آف اسٽڊيز

Board of Studies

6. بورڊ آف ايڊوانس اسٽڊيز اينڊ ريسرچ

Board of Advance studies and research

7. سليڪشن بورڊ

Selection Board

سليڪشن پروموشن بورڊ جو ڪم

Function of the Selection promotion board

9. فنانس اينڊ پلاننگ ڪميٽي

The finance and planning committee

11. افيليئيشن ڪميٽي

Affiliation Committee

سنڌ ايڪٽ نمبر XIV مجريه 1996

SINDH ACT NO.XIV OF 1996

بقائي ميڊيڪل يونيورسٽي ايڪٽ، 1996

THE BAQAI MEDICAL

UNIVERSITY ACT, 1996

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)

[26 مئي 1996]

ايڪٽ جنهن ذريعي ميڊيڪل يونيورسٽي قائم ڪئي ويندي، جنهن کي بقائي ميڊيڪل يونيورسٽي ڪراچي سڏيو ويندو.

جيئن ته ڪراچي ۾ ميڊيڪل يونيورسٽي قائم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جنهن کي بقائي ميڊيڪل يونيورسٽي ڪراچي سڏيو ويندو ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

باب -I

شروعاتي

1. (1) هن ايڪٽ کي بقائي ميڊيڪل يونيورسٽي ايڪٽ، 1996 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نه هجي:

(i) "اڪيڊمڪ ڪائونسل" مطلب يونيورسٽي جي اڪيڊمڪ ڪائونسل؛

(ii) "اٿارٽي" مطلب دفعه 16 ۾ ڄاڻايل اختيارين يا يونيورسٽي مان ڪا هڪ؛

(iii) "بورڊ" مطلب يونيورسٽي جو بورڊ آف گورنرس؛

(iv) "چانسيلر" مطلب يونيورسٽي جو چانسيلر؛

(v) "چيئرمين" مطلب ٽيچنگ ڊپارٽمينٽ جو چيئرمين؛

(vi) "ڪاليج" مطلب اهڙو ڪاليج جنهن ۾ هيلٿ سائنس ۽ لاڳاپيل خدمتن بابت تعليم ڏيڻ يا تربيت ڏيڻ

جو بندوبست ٿيل هجي ۽ جنهن ۾ هڪ ادارو شامل هجي؛

(vii) "ڊين" مطلب فيڪلٽي جو هيڊ؛

(viii) "ڊائريڪٽر" مطلب اداري جو هيڊ؛

(ix) "فيڪلٽي" مطلب يونيورسٽي جي فيڪلٽي؛

(x) "فائونڊيشن" مطلب بقائي فائونڊيشن، ڪراچي؛

(xi) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(xii) "ادارو" مطلب ادارو جيڪو يونيورسٽي طرفان سنڀاليو ۽ انتظام ڪيو وڃي؛

(xiii) "عملدار" مطلب دفعه 6 ۾ بيان ڪيل يونيورسٽي جي عملدارن مان ڪو به؛

(xiv) "بيان ڪيل" مطلب قانون، ضابطن ۽ قاعدن ۾ بيان ڪيل؛

(xv) "پروفيسر اميريٽس" مطلب هڪ رٽائرڊ پروفيسر جيڪو يونيورسٽي ۾ اعزازي طور تي ڪم ڪري رهيو هجي؛

(xvi) "قانون، ضابطا ۽ قاعدا" مطلب هن ايڪٽ تحت ترتيبوار جوڙيل قانون، ضابطا ۽ قاعدا.

(xvii) "استاد" مطلب ڪل وقتي استاد جهڙوڪ پروفيسر، ايسوسيئيٽ پروفيسر، اسسٽنٽ پروفيسر ۽ ليڪچرر ۽ اهڙا ٻيا ماڻهو جيڪي استاد طور واضح ڪيا وڃن؛

(xviii) "ٽيچنگ ڊپارٽمينٽ" مطلب يونيورسٽي طرفان قائم ڪيل ۽ سنڀاليل يا تصديق شده ٽيچنگ ڊپارٽمينٽ؛

(xix) "يونيورسٽي" مطلب بقائي ميڊيڪل يونيورسٽي، ڪراچي؛ ۽

(xx) "وائيس چانسيلر" مطلب يونيورسٽي جو وائيس چانسيلر.

باب -II

يونيورسٽي جو قيام ۽ هيئيت

Establishment and incorporation of the University

يونيورسٽي

3.(1) هڪ يونيورسٽي قائم ڪئي ويندي، جنهن کي بقائي ميڊيڪل يونيورسٽي سڏيو ويندو، جيڪا سرپرست، چانسيلر، وائيس چانسيلر، ڊينس، چيئرمين ۽ بورڊ جي ميمبرن تي مشتمل هوندي، اڪيڊمڪ ڪائونسل جا ميمبر ۽ اهڙا ٻيا عملدار جيئن بيان ڪيو ويندو.

يونيورسٽي سڀن لاءِ کليل هوندي
University open to all

(2) يونيورسٽي بقائي يونيورسٽي جي نالي سان هڪ بادي ڪارپوريٽ هوندي، جنهن کي ان ۾ شامل ڪنهن ملڪيت کي حاصل ڪرڻ يا نيڪال ڪرڻ جي اختيار سان گڏ حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي، جيڪا ڇاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندي ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

يونيورسٽي جا اختيار ۽ ڪم
Powers and functions of the University

4.يونيورسٽي پاڪستان جي سڀني ماڻهن لاءِ کليل هوندي، پل انهن جو تعلق ڪنهن به جنس يا مذهب، نسل، طبقي، رنگ يا ڊوميسائيل سان هجي، جيڪي يونيورسٽي طرفان پڙهايا ويندڙ ڪورسن لاءِ تعليمي طور داخلا لاءِ اهل هجن ۽ اهڙي ڪنهن به شخص کي فقط جنس، مذهب، طبقي، نسل، رنگ يا ڊوميسائيل جي بنياد تي انڪار نه ڪيو ويندو.

”بشرطيڪ پرڏيهي داخلا لاءِ اهل هوندا جيڪڏهن اهي داخلا لاءِ تعليمي قابليت رکندا هجن پر اهڙي داخلا ٿوٿل داخلا جي ٿيهه سيڪڙو کان وڌيڪ نه هجڻ گهرجي.“.

5.يونيورسٽي خودمختيار بادي هوندي ۽ ان کي اختيار حاصل هوندا.

(i) ڄاڻ ۽ ٽيڪنالاجي جي تعليم مهيا ڪرڻ ۽ تدريس، تربيت تحقيق ۽ هيلٿ سائنسز ۽ اهڙين لاڳاپيل علمن ۾ تحقيقي تجربن لاءِ گنجائشون جوڙڻ؛

(ii) شاگردن کي داخلا ڏيڻ ۽ امتحان وٺڻ ۽ انهن کي ڊگريز، ڊپلوماز، سرٽيفڪيٽس ۽ ٻيا تعليمي اعزاز ڏيڻ، جن ڇاڻايل شرطن موجب امتحان پاس ڪيا هجن؛

(iii) پنهنجو الحاق ڪرڻ يا ٻين ادارن سان جڙڻ ۽ تعليم جي بهتري لاءِ پنهنجا ڪم ۽ ذميواريون ادا ڪرڻ لاءِ فيڪلٽيز ۽ ٽيچنگ ڊپارٽمينٽس قائم ڪرڻ ؛

(iv) ڇاڻايل طريقيڪار موجب منظور ٿيل ماڻهن کي اعزازي ڊگريون يا اعزاز ڏيڻ؛

(v) پڙهائي جا ڪورسز متعين ڪرڻ ۽ تحقيق ڪرڻ جيئن طئي ڪيو ويو هجي؛

(vi) تعليم، پروفيشنل تربيت ۽ تحقيق ۾ مدد ڪرڻ ۽ ٻيون سهولتون مهيا ڪرڻ؛

(vii) ڪاليجز ۽ ادارن جو الحاق ڪرڻ يا ڌار ڪرڻ ۽ اهڙن ادارن جي جاچ لهڻ يا پنهنجو پاڻ کي چونڊيل تعليمي تربيتي ۽ تحقيقي ادارن سان جوڙڻ، انهن کي انهن جا ڪم ۽ ذميواريون نڀائڻ لاءِ جوڳيون خدمتون ۽ سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ وڌ کان وڌ اثرائتي تعليمي تربيتي ۽ تحقيقي پروگرامن کي يقيني بڻائڻ لاءِ پڙهائي جا طريقا ۽ حڪمت عمليون طئي ڪرڻ؛

(viii) ملڪيت حاصل ڪرڻ ۽ سنڀالڻ، يونيورسٽي کي ڪيل گرانٽس، وصيتن، ٽرسٽس، تحفن، عطين، انڊومينٽس ۽ ٻين ڪنٽريبيوشنز کي سنڀالڻ ۽ انهن کي اهڙيءَ ريت سيڙائڻ جيئن مناسب ڇاڻي؛

(ix) معاهدن، ٺيڪن ۽ انتظامن ۾ حڪومت، تنظيمن، ادارن، باڊيز ۽ فردن سان انهن جا ڪم ۽ ذميواريون پوريون ڪرڻ لاءِ شامل ٿيڻ؛

(x) اهڙيون فيس ۽ ٻيون چارجز طلب ڪرڻ ۽ حاصل ڪرڻ جيئن اها طئي ڪري؛

(xi) مختلف بادين ۽ ڪميٽيز تي ميمبر مقرر ڪرڻ جيئن بورڊ طئي ڪري تربيتي ۽ هم تدريسي سرگرمين جي سلسلي ۾ ۽ يونيورسٽي ۽ ادارن ۾ شاگردن کي داخلا ڏيڻ؛

(xii) استادن ۽ انتظامي عملدارن ۽ اسٽاف جي ميمبرن جي مقرري لاءِ شرط ۽ ضابطا، اختيار ۽ ذميواريون متعين ڪرڻ اهڙن عملدارن ۽ اسٽاف جون ڊيوٽيون بيان ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ ڪارڪردگي ۽ انتظامي معاملن جي سلسلي ۾ سهوليتون مهيا ڪرڻ؛

(xiii) فيڪلٽيز، ٽيچنگ ڊپارٽمينٽس، تحقيقي ادارا ۽ ٻيا سڪيا جا مرڪز قائم ڪرڻ ۽ تعليمي، فني تربيت ۽ تحقيق بابت ٻيون سهولتون مهيا ڪرڻ ۽ سهڪار ڪرڻ؛

(xiv) ٻين يونيورسٽيز ۽ پبلڪ اٿارٽيز سان اهڙي معاملي ۽ اهڙن مقصدن لاءِ سهڪار ڪرڻ، جيئن اها طئي ڪري؛

(xv) پروفيسرشپس، ايسوسيئيٽ پروفيسرشپس، اسسٽنٽ پروفيسرشپس ۽ ليڪچرررشپس ۽ ٻيون آساميون پيدا ڪرڻ ۽ ماڻهو مقرر ڪرڻ جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛

(xvi) پروفيشنل ريسرچ، انتظامي عهدا ۽ اهڙيون ٻيون آساميون پيدا ڪرڻ جيئن يونيورسٽي جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري هجي؛

(xvii) فيلوشپس، اسڪالر شپس، ايگزيبيشنز برسريز، ميڊلس ۽ انعام پيدا ڪرڻ ۽ ڏيڻ، جيئن شرطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي؛

يونیورسٹي جا عملدار Officers of the

(xviii) يونيورسٽي جي شاگردن جي رهائش تي ضابطو رکڻ؛

University

(xix) رهائش جا هالس ٽاهڻ ۽ سنڀالڻ ۽ هاسٽلس ۽ لاجنگس کي منظور ڪرڻ ۽ لائسنس جاري ڪرڻ؛

(xx) يونيورسٽي جي شاگردن جي ڊسيپلين تي نظرداري ڪرڻ ۽ ضابطو رکڻ، شاگردن جي اضافي تدريسي ۽ تفريحي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ ۽ انهن جي صحت ۽ عام ڀلائي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ انتظام ڪرڻ؛

(xxi) تحقيق ۽ ٻين ڪمن جي پرنٽنگ ۽ شايع ڪرڻ جون سهولتون مهيا ڪرڻ؛ ۽ اهڙا ٻيا سمورا قدم کڻڻ ۽ شيون ڪرڻ، جيڪي يونيورسٽي جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري هجن؛

(xxii) اهڙي تحقيق ڪرڻ جيئن طئي ڪئي وئي هجي؛ ۽

سربراهه
The Patron

(xxiii) اهڙا ٻيا سمورا قدم کڻڻ ۽ شيون ڪرڻ جيڪي ان جي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ گهربل هجن.

باب -**III**

چانسيلر
The Chancellor

6.هيٺيان يونيورسٽي جا عملدار هوندا:

(i) چانسيلر

(ii) وائيس چانسيلر

(iii) ڊينس

(iv) ڊائريڪٽرس

(v) چيئرمين

(vi) يونيورسٽي طرفان نامزد ڪيل پرنسيپال

(vii) رجسٽرار

(viii) ڊائريڪٽر پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ

(ix) ڊائريڪٽر آف فنانس

(x) لائبريرين

(xi) امتحانن جو ڪنٽرولر

(xii) ريزيڊنٽ آڊيٽر؛ ۽

(xiii) اهڙا پيا ماڻهو جن جي يونيورسٽي جا عملدار ٿيڻ جو بيان ڪيو ويو هجي

7.سنڌ جو گورنر يونيورسٽي جو سرپرست هوندو.

8.(1) فائونڊيشن جو چيئرمين يونيورسٽي جو چانسيلر هوندو.

(2)سرپرست، جڏهن موجود هجي، يونيورسٽي جي ڪانووڪيشنز جي صدارت ڪندو.

(3) هر اعزازي ڊگري ڏيڻ لاءِ چانسيلر کان تصديق ڪرائڻي پوندي.

معائنو
Visitation

(4) جيڪڏهن چانسيلر مطمئن آهي ته ڪنهن اٿارٽي جون ڪارروايون يا ڪنهن عملدار جا حڪم هن ايڪٽ جي گنجائشن، قانونن، ضابطن يا قاعدن موجب نه آهن ته، اهو اهڙي اٿارٽي يا عملدار کي سبب ڄاڻائڻ لاءِ طلب ڪري سگهي ٿو ته ڇو نه اهڙين ڪارروائين کي لکت ۾ حڪم ذريعي ختم ڪيو وڃي، اهڙي ڪارروائي يا حڪمن کي ختم ڪري سگهي ٿو.

وائيس چانسيلر
Vice Chancellor

(5) چانسيلر ڪنهن شخص کي ڪنهن اٿارٽي جي ميمبر شپ تان هٽائي سگهي ٿو، جيڪڏهن اهڙو شخص:

(i) ذهني توازن وڃائي ويهي ٿو؛ يا

(ii) اهڙي اٿارٽي جي ميمبر طور ڪم ڪرڻ کان نااهل ٿي وڃي ٿو؛ يا

(iii) ڪيس ڪنهن عدالت طرفان اخلاقي گستاخي جي ڏوهه ۾ سزا ٻڌائي وئي هجي.

(6) چانسيلر جي اهڙيءَ ريت عمل ڪرڻ کان غير موجودگيءَ جي صورت ۾ يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري، وائيس چانسيلر سندس جڳهه تي ڪم ڪندو.

9.(1) چانسيلر يونيورسٽي جي معاملن سان لاڳاپيل مسئلي جي جاچ ڪرائي سگهي ٿو ۽ اهڙو شخص يا شخصيتون مقرر ڪري سگهي ٿو، جيئن مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ مناسب سمجهي.

(2) چانسيلر، ذيلي دفعه (1) تحت رپورٽ ملڻ کانپوءِ، اهڙيون هدايتون جاري ڪري سگهي ٿو جيئن اهو مناسب سمجهي ۽ وائيس چانسيلر اهڙين هدايتن تي عمل ڪندو.

10.(1) وائيس چانسيلر، چانسيلر طرفان چئن سالن جي عرصي لاءِ مقرر ڪيو ويندو، اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب جيئن چانسيلر طئي ڪري ۽ وائيس چانسيلر، چانسيلر جي خوشي سان عهدو رکي سگهندو.

(2) ڪنهن به وقت جڏهن وائيس چانسيلر جو عهدو خالي ٿيندو، يا وائيس چانسيلر غير حاضر هوندو يا بيماري سبب پنهنجي آفيس جا ڪم ڪرڻ جي لائق نه هوندو يا ٻئي ڪنهن سبب جي ڪري ته چانسيلر وائيس چانسيلر جون ذميواريون نپائڻ لاءِ اهڙا انتظام ڪندو جيئن اهو مناسب سمجهي.

(3) وائيس چانسيلر يونيورسٽي جو مک تدريسي ۽ انتظامي عملدار هوندو، ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن، چانسيلر جي هدايتن، يونيورسٽي جي هدايتن تي جوڳي نموني عملدرآمد ڪرڻ جو ذميدار هوندو ۽ يونيورسٽي جي پاليسيز ۽ پروگرامن تي عملدرآمد جو ذميدار هوندو.

(4) وائيس چانسيلر، ڪنهن هنگامي صورتحال ۾، جيڪا سندس خيال ۾ تڪڙو قدم گهرندي هجي، اهڙو قدم کڻي سگهي ٿو، جيئن اهو ضروري سمجهي، جنهن کانپوءِ جيترو جلد ممڪن ٿي سگهي، سندس قدم

بابت عملدار، اٿارٽي يا بادي کي رپورٽ ڪندو، جنهن کي عام صورت ۾ معاملي کي حل ڪرڻو هيو.

(5) خصوصي طور تي جڏهن سنڊس مٿي چاڻايل اختيارن جي منحرف نه آهي ته، وائيس چانسلر کي هي اختيار هوندا.

رجسٽرار
Registrar

(a) اهڙيون عارضي آساميون پيدا ڪرڻ ۽ پرتي ڪرڻ، جن جو مدو ڇهه مهينن کان وڌيڪ نه هجي.

(b) منظور ٿيل بجيٽ ۾ فراهم ڪيل سمورو خرچ منظور ڪرڻ ۽ خرچ جي ساڳين ميجر هيڊس ۾ فنڊس ري ايپروپريئيٽ ڪرڻ؛

ڊائريڪٽر آف فنانس
Director of Finance

(c) غير متوقع آئٽم لاءِ رقم جي ري ايپروپريشن جاري ڪرڻ جيڪا پنجاهه هزار رپين کان وڌيڪ نه هجي، جيڪو بجيٽ ۾ نه ڇاڻايو ويو هجي ۽ ان بابت بورڊ جي ايندڙ گڏجاڻيءَ ۾ رپورٽ ڪندو؛

(d) لاڳاپيل اختيارين کان نالن جا پينلس ملڻ کانپوءِ يونيورسٽي جي سمورن امتحانن لاءِ پيپر سيٽرس ۽ ممتحن مقرر ڪرڻ؛

(e) پيپرس، مارڪس ۽ نتيجن جي سڪيورٽي لاءِ اهڙا انتظام ڪرڻ جيئن ضروري هجن؛

(f) يونيورسٽي جي استادن، عملدارن ۽ ٻين ملازمن کي پڙهائي، تحقيق، امتحانن ۽ انتظامن ۽ يونيورسٽي جي اهڙن ٻين معاملن جي سلسلي ۾ اهڙا ڪم ڪرائڻ جي هدايت ڪرڻ، جيڪي ضروري سمجهي؛

امتحانن جو ڪنٽرولر
Controller of Examinations

(g) يونيورسٽي جي ڪنهن عملدار يا ملازمن کي پنهنجي اختيارن منجهان ڪي هن ايڪٽ تحت منتقل ڪرڻ، اهڙين شرطن موجب، جيڪڏهن ڪي هجن؛

(h) اهڙين ڪيٽيگريز لاءِ ملازم مقرر ڪرڻ، جن جي سلسلي ۾ بورڊ طرفان اختيار منتقل ڪيا ويا

هجن؛

(i) اهڙا ٻيا اختيار ۽ ڪم ڪرڻ ۽ سرانجام ڏيڻ، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

ريزيڊنٽ آڊيٽر
Resident Auditor

11. (1) رجسٽرار يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ بورڊ طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيو ويندو، جيئن بورڊ طئي ڪري.

(2) رجسٽرار يونيورسٽي جي عام مهر ۽ تعليمي رڪارڊس جو سنڀاليندڙ هوندو ۽ اهو اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

ڊائريڪٽر پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ
Director planning and Development

12. (1) ڊائريڪٽر آف فنانس يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ چانسيلر طرفان برورڊ جي سفارش تي مقرر ڪيو ويندو، اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب جيئن بورڊ طئي ڪري.

اختياريون
Authorities

(2)ڊائريڪٽر فنانس:

(a) يونيورسٽي جي ملڪيت، ماليات ۽ سيڙپڪاري بابت انتظام ڪندو؛

(b) يونيورسٽي جي سالياني ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ جا ڪاٿا تيار ڪندو ۽ انهن کي فنانس ڪميٽي ۽ بورڊ جي سامهون پيش ڪندو؛

(c) اها خاطري ڪندو ته يونيورسٽي جا فنڊس انهن مقصدن لاءِ خرچ ٿي رهيا آهن، جن لاءِ اهي مهيا ڪيا ويا آهن؛

بورڊ آف گورنرس
Board of Governors

(d) اهڙيون ٻيون ذميواريون سرانجام ڏيندون، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

13. امتحانن جو ڪنٽرولر يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ امتحانن سان لاڳاپيل سمورن معاملن لاءِ ذميدار هوندو ۽ اهڙيون ذميواريون سرانجام ڏيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

14. ريزيڊنٽ آفيسر يونيورسٽي جو ڪل وقتي

عملدار هوندو ۽ ينويورسٽي جي فنڊ مان سمورين ادائگين جي پري آڊٽ جو ذميدار هوندو.

15. ڊائريڪٽر پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ يونيورسٽي جي منصوبه بندي ۽ ترقي جو ذميدار هوندو.

باب -IV

يونيورسٽي جون اختياريون

16. يونيورسٽي جون هيٺيون اٿارٽيز هونديون:

(i) بورڊ آف گورنرس؛

(ii) اڪيڊمڪ ڪائونسل؛

(iii) بورڊ آف فيڪلٽيز؛

(iv) اعليٰ تعليم ۽ تحقيق جو بورڊ؛

(v) بوردس آف اسٽڊيز؛

(vi) سليڪشن بورڊ؛

(vii) فنانس اينڊ پلاننگ ڪميٽي؛

(viii) افيليئيشن ڪميٽي؛

(ix) ڊسيپلين ڪميٽي؛

(x) ورڪس ڪميٽي؛

(xi) اسپورٽس ڪنٽرول بورڊ؛ ۽

(xii) اهڙيون ٻيون اٿارٽيون، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

17.(1) عام نظرداري ۽ يونيورسٽي جي معاملن جو ضابطو ۽ ان جي پاليسيز جوڙڻ جو اختيار بورڊ وٽ هوندو، جيڪو هيٺين تي مشتمل هوندو:

(a) وائيس چانسيلر؛

(b) سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس يا سندس طرفان نامزد ڪيل هاءِ ڪورٽ جو جج؛

(c) تعليم ڪاتي، حڪومت سنڌ جو سيڪريٽري؛

(d) صحت ڪاتي، حڪومت سنڌ جو سيڪريٽري؛

(e) چانسيلر طرفان وائيس چانسيلر سان مشاورت بعد نامزد ڪيل هڪ ڊين؛
(f) چيئرمين، يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن، يا ان طرفان نامزد ڪيل ڪميشن جو ڪل وقتي ميمبر؛
(g) چانسيلر طرفان وائيس چانسيلر جي سفارشن تي ٻه نالياورا ماڻهو نامزد ڪيل؛
(h) چانسيلر طرفان فائونڊيشن جي سفارش تي چار بهترين ميرٽ رڪندڙ ماڻهو ؛
(i)چانسيلر طرفان فائونڊيشن جي سفارش تي هڪ ليگل ميمبر نامزد ڪيل؛
(j) رجسٽرار.
(2) نامزد ڪيل ميمبر ٽن سالن جي مدي لاءِ عهدو رکندو، ۽ ان جو مدو پورو ٿيڻ تي ٻيهر نامزدگي لاءِ اهل هوندو.
(3) نامزد ڪيل ميمبر جو عهدو خالي ٿي ويندو جيڪڏهن اهو استعيفيٰ ڏئي ٿو يا بنا جوڳو سبب ڄاڻائڻ يا موڪل جي درخواست ڪانسواءِ بورڊ جي لڳاتار ٽن گڏجاڻين مان غير حاضر رهي ٿو يا سندس نامزدگي ڪيس نامزد ڪندڙ اختياري طرفان تبديل ڪئي وڃي ٿي.
(4) ميمبر جي عارضي آسامي اٿارٽي طرفان نامزد ڪيل شخص طرفان ڀري ويندي، جيڪو ميمبر نامزد ڪيو ويو آهي، ان جي آسامي ڀري ويندي.
(5) وائيس چانسيلر بورڊ جي چيئرمين ۽ رجسٽرار سيڪريٽري طور ڪم ڪندو.
(6) بورڊ جو ڪو قدم يا ڪارروائي بورڊ ۾ آسامي يا بورڊ جي جوڙجڪ ۾ ڪنهن نقص جي صورت ۾ غير موثر نه هوندو.
18.(1) بورڊ يونيورسٽي جي ايگزيڪيوٽو بادي

هوندو ۽ ايڪٽ جي گنجائشن موجب، يونيورسٽي جي ملڪيتن جي انتظام سميت سمورن معاملن جي عام نظرداري ڪندو.

(2) خاص طور تي ۽ دفعه 12 جي ذيلي دفعه (1) جي گنجائشن جي عام حيثيت سان تضاد کانسواءِ، بورڊ هيٺين ريت اختيار ۽ ڪم سرانجام ڏيندي:

(a) يونيورسٽي جي ملڪيت، فنڊس، اثاثن ۽ وسيلن کي رکڻ، ضابطو رکڻ ۽ انتظام ڪرڻ؛

(b) يونيورسٽي طرفان منقوله ۽ غير منقصوله ملڪيت جي منتقلي ۽ منتقل ڪيل قبول ڪرڻ؛

(c) ڪاليج يا اداري کي الحاق ڪرڻ يا ڌار ڪرڻ؛

(d) فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي جي مشوري سان سالياني بجيٽ ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ ڪاٿن تي غور ڪرڻ ۽ منظوري ڏيڻ ۽ رهنمائي ڪرڻ يا مالي معاملن سان لاڳاپيل رولز آف بزنس ۾ رهنمائي ڪرڻ؛

(e) يونيورسٽي جي طرفان ٺيڪا منظور ڪرڻ، مڪمل ڪرڻ، تبديل ڪرڻ يا رد ڪرڻ؛

(f) يونيورسٽي جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ اسڪيمون شروع ڪرڻ ۽ منظوري ڏيڻ؛

(g) طريقو طئي ڪرڻ ۽ قبضي کي بهتر ڪرڻ ۽ يونيورسٽي جي عام مهر استعمال ڪرڻ؛

(h) پروفيشنل ريسرچ، ايڊمنسٽريٽو پوسٽ ۽ اهڙيون ٻيون پوسٽس پيدا ڪرڻ جيڪي يونيورسٽي جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ گهربل هجن، اهڙيون پوسٽس ملتوي ڪرڻ يا ختم ڪرڻ؛

(i) سليڪشن بورڊ جي سفارشن تي استاد، محقق ۽ عملدار مقرر ڪرڻ؛

(j) بيان ڪيل شرطن موجب تعليم جي ميدان ۾

بورڊ جي گڏجاڻي
Meeting of the Board

اعزازي ڏگريون ڏيڻ؛

(k) بيان ڪيل جاچ ۽ دفاع جي طريقيڪار ڪانپوءِ يونيورسٽي ملازمن کي سسپينڊ ڪرڻ، سزا ڏيڻ يا نوڪري مان برطرف ڪرڻ، جن کي مقرر ڪرڻ جو ان کي اختيار آهي؛

(l) چانسيلر کي قانون تجويز ڪرڻ؛

(m) مخصوص بادين جي سفارشن تي ضابطا ۽ قاعدا منظور ڪرڻ؛ ۽

(n) يونيورسٽي سان لاڳاپيل ٻين سمورن معاملن کي طئي ڪرڻ، هلائڻ ۽ انتظام ڪرڻ ۽ ان کان آخر ۾ سمورا ضروري اختيار استعمال ڪرڻ جيڪي خاص طور تي هن ايڪٽ، قانون، ضابطن يا قاعدن ۾ بيان ناهن ڪيا ويا.

(o) پنهنجا ڪي به اختيار ڪنهن اٿارٽي يا عملدارن يا ڪميٽي يا ذيلي ڪميٽي حوالي ڪرڻ.

(p) اهڙا ٻيا ڪم ڪرڻ جيڪي قانون موجب ان کي سونپيا ويا هجن.

اڪيڊمڪ ڪائونسل
Academic Council

19.(1) بورڊ سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڀيرا گڏجاڻي ڪندو، اهڙين تاريخن تي جيڪي وائيس چانسيلر طرفان طئي ڪيون ويندیون؛

بشرطيڪ هڪ خاص گڏجاڻي ڪنهن به وقت چانسيلر جي هدايت تي ڪوٺائي سگهجي ٿي يا بورڊ جي ميمبرن جي درخواست تي جيڪي ڇهن کان گهٽ نه هجن، ضروري نوعيت جو معاملو سمجهي.

(2) خاص گڏجاڻيءَ لاءِ ڏهن ڏينهن کان گهٽ ڏينهن جو نوٽيس بورڊ جي ميمبرن کي ڏنو ويندو ۽ گڏجاڻيءَ جي ايجنڊا محدود ڪئي ويندي ان معاملي لاءِ جنهن لاءِ خاص گڏجاڻي ڪوٺائي وئي آهي.

(3) بورڊ جي گڏجاڻيءَ لاءِ ڪورم سڀ ميمبرن جي

اڪيڊمڪ ڪائونسل جا اختيار ۽ ذميواريون
Powers and duties of the

Academic Council

هڪ پاڳي ٿي برابر هوندو، جنهن جي نسبت هڪ برابر ڳڻي ويندي.

(4) بورڊ جا فيصلا موجود ميمبرن جي اڪثريت جي بنياد تي ۽ ووٽنگ ذريعي ڪيا ويندا ۽ جيڪڏهن ميمبر هڪ جيترا ورهائجي وڃن ته بورڊ جي چيئرمين کي هڪ ڪاسٽنگ ووٽ حاصل هوندو، جيڪو استعمال ڪندو.

20. (1) اڪيڊمڪ ڪائونسل مشتمل هوندي:

(a) وائيس چانسيلر جيڪو چيئرمين هوندو؛

(b) ڊينس؛

(c) ڊائريڪٽرس؛

(d) ٽيچنگ ڊپارٽمينٽس جا چيئرمين؛

(e) پروفيسرس اميريٽس سميت يونيورسٽي جا پروفيسرس؛

(f) الحاق ڏنل ٽيل ڪاليجن جا پرنسيپالس؛

(g) رجسٽرار جيڪو سيڪريٽري هوندو؛

(h) لائبريرين؛

(i) امتحانن جو ڪنٽرولر؛

(j) بورڊ طرفان نامزد ڪيل ٻه نامياري عالم؛ ۽

(k) ٻه نامياري ماڻهو صوبائي اسيمبلي سنڌ طرفان نامزد ڪيا ويندا.

(2) نامزد ڪيل ميمبر ٽن سال جي عرصي تائين عهدو رکي سگهندا ۽ ٻيهر نامزد ٿيڻ جي لاءِ اهل هوندا.

(3) نامزد ڪيل ميمبر جو عهدو خالي ٿي ويندو جيڪڏهن اهو استعيفيٰ ڏئي ٿو يا ڪائونسل جي لڳاتار ٽن گڏجاڻين ۾ بنا جوڳو جواز ڄاڻائڻ يا غير حاضرجي موڪل ڪانسواءِ غير حاضر رهي ٿو يا سندس نامزدگي نامزد ڪندڙ اختياري طرفان تبديل

ڪئي وڃي ٿي.

(4) ڪائونسل جي گڏجاڻي جو ڪورم سمورن ميمبرن جي هڪ پاڳي ٿي برابر هوندو، جنهن جي نسبت هڪ برابر سمجهي ويندي.

قانون، ضابطا ۽ قاعدا
Statutes, Regulations and Rules

21.(1) اڪيڊمڪ ڪائونسل يونيورسٽي جي اعليٰ ترين اڪيڊمڪ باڊي هوندي، ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قانونن موجب، ان کي تدريس، تحقيق ۽ امتحانن جي خاص معيارن موجب رکڻ، ۽ هلائڻ ۽ يونيورسٽي جي اڪيڊمڪ لائيف کي هٿي وٺرائڻ ۽ منظم ڪرڻ جو اختيار حاصل هوندو.

(2) خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل گنجائشن جي عام حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ، ڪائونسل کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:

(a) بورڊ کي اڪيڊمڪ معاملن ۾ صلاح ڏيڻ؛

(b) شاگردن جي پڙهائي ۽ امتحانن جي ڪورسز ۾ داخلائن تي ضابطو رکڻ ؛

(c) بورڊ کي فيڪلٽيز، ٽيچنگ ڊپارٽمينٽس، ادارن ۽ بورڊ آف اسٽڊيز جي جوڙجڪ ۽ تنظيم سازي لاءِ اسڪيمون آڇڻ؛

(d) يونيورسٽي ۾ پڙهائي ۽ تحقيق جي پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ لاءِ تجويزون ڏيڻ ۽ انهن تي غور ڪرڻ ۽ جوڙڻ؛

(e) بورڊ آف فيڪلٽيز ۽ بورڊ آف اسٽڊيز جي سفارشن تي ضابطا جوڙڻ، جنهن ۾ پڙهائي جا ڪورسز ۽ سمورن يونيورسٽي امتحانن لاءِ نصاب جوڙڻ؛ بشرطيڪ جيڪڏهن بوردس آف فيڪلٽيز ۽ بوردس آف اسٽڊيز جون سفارشون ڄاڻايل تاريخ تائين وصول نه ٿيون ٿين، ڪائونسل، بورڊ جي منظوري سان، ايندڙ سال لاءِ پڙهائي جا ڪورس جاري

ضابطا
Regulations

رکندي جيڪي اڳواٽ امتحانن لاءِ بيان ڪيا ويا آهن.
(f) ٻين يونيورسٽيز ۽ امتحاني بادين جي امتحانن کي يونيورسٽي جي امتحانن برابر مڃي حيثيت ڏيڻ؛
(g) بورڊ کي پيش ڪرڻ لاءِ ضابطا جوڙڻ؛
(h) هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب اختيارين ۾ ميمبر مقرر ڪرڻ ۽ اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن قانونن ۾ بيان ڪيا ويا هجن؛
22. اٿارٽين جا ڪم ۽ اٿارٽي جوڙڻ جن لاءِ ڪي مخصوص گنجائشون نه هونديون يا هن ايڪٽ ۾ ڪا غير موزون گنجائش نه هجي، جيئن قانونن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.
23. بورڊ، اڪيڊمڪ ڪائونسل ۽ ٻيون اٿارٽيون اهڙيون اسٽينڊنگ، اسپيشل يا ايڊوائيزري ڪميٽيون مقرر ڪري سگهن ٿيون جيئن اهي انهن جي ڪارڪردگيءَ جي بهتريءَ لاءِ فائديمند سمجهن.

باب -V

24.(1) هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب، سمورن يا هيٺين ۾ ڪنهن به معاملي کي هلائڻ لاءِ قانون جوڙي سگهجن ٿا:
(a) يونيورسٽي جي ملازمن جي ملازمت جا شرط ۽ ضابطا جوڙڻ، بشمول پي اسڪيل، پينشن جي جوڙجڪ، انشورنس، گريچوئٽي، پرووِيڊنٽ فنڊ، بينيوولينٽ فنڊ ۽ ٻين لاڳاپيل فاعدن جي؛
(b) استادن، محققن ۽ عملدارن جي ڪانٽريڪٽ تي مقررين جا شرط ۽ ضابطا؛
(c) فيڪلٽيز، ٽيچنگ ڊپارٽمينٽس ۽ ٻين اڪيڊمڪ يونٽس ۽ ڊويزن جو قيام ؛
(d) عملدارن ۽ استادن جا اختيار ۽ ذميداريون متعين ڪرڻ؛

(e) اهڙا شرط جن تحت يونيورسٽي ٻين پبلڪ يا سانگي تنظيمن/ادارن سان تدريسي تحقيق ۽ ٻين تحقيقي عمل جي انتظامن ۾ داخل ٿي سگهي ٿي؛

(f) پروفيسرز اميريٽس جي مقرري ۽ اعزازي ڊگرين ڏيڻ جا شرط متعين ڪرڻ؛

(g) يونيورسٽي جي ملازمن جي صلاحيت ۽ نظم و ضبط تي ڌيان ڏيڻ؛

(h) يونيورسٽي جون ملڪيتون ۽ سيڙپڪاري حاصل ڪرڻ ۽ انتظام ڪرڻ؛ ۽

(i) هن ايڪٽ تحت ٻيا سمورا معاملا جيڪي قانونن موجب بيان ڪرڻ يا هلائڻا آهن.

(2) قانونن جو ڊرافٽ بورڊ طرفان چانسيلر جي منظوري لاءِ تجويز پيش ڪيو ويندو.

(3) چانسيلر کي منظوري لاءِ اماڻيل قانونن کي قبول ڪرڻ، يا انهن کي بورڊ ڏانهن نظرثاني لاءِ واپس اماڻڻ جو اختيار هوندو.

(4) ڪو به قانون موثر نه هوندو، جيستائين چانسيلر طرفان منظور نه ڪيو وڃي.

فنڊ
Fund

25. (1) هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قانون موجب هيٺين سمورن يا انهن مان ڪن معاملن لاءِ ضابطا جوڙيا ويندا، يعني:

(a) پڙهائي ۽ تحقيق جو اسڪيمون، بشمول ڪورسز جي مدت، مضمونن جي انگ يا امتحانن لاءِ پيپرز جي؛

(b) ڊگرين، ڊپلوماز ۽ سرٽيفڪيٽس ڏانهن وٺي ويندڙ پڙهائي ۽ تحقيقي پروگرامن جا نصاب ۽ ڪورسز؛

(c) امتحان منعقد ڪرڻ ۽ انهن جي نظرداري، ممتحنن جي مقرري، چنڊ چاڻ، نتيجا ڪڍڻ ۽ انهن کي پڌرو ڪرڻ؛

(d) مختلف ڪورسز، امتحانن ۽ هاسٽلس ۾ داخلا لاءِ فيس طئي ڪرڻ ۽ اوڳاڙي؛
(e) شاگردن ۾ نظم و ضبط پيدا ڪرڻ ۽ انهن جي پلائي جون اسڪيمون جوڙڻ؛
(f) فيلوشپس، اسڪالر شپس، انعام، ميڊلز، اعزازيه ڏيڻ ۽ شاگردن ۽ تحقيقي عالمن جي ٻي مالي مدد ڪرڻ؛
(g) ڪانووڪيشن منعقد ڪرڻ ۽ اڪيڊمڪ ڪاسٽيومز متعين ڪرڻ؛
(h) شاگردن جي رهائش جا شرط مقرر ڪرڻ؛
(i) لائبريري جو استعمال؛ ۽
(j) ٻيا سمورا تعليمي معاملا جيڪي هن ايڪٽ، يا قانونن ذريعي يا ضابطن موجب بيان ٿيڻا آهن.

ملازمت تان رٽائرمينٽ
Retirement from Services

(2) بورڊ کي ڏانهن موڪليل ضابطن کي منظور ڪرڻ يا انهن کي اڪيڊمڪ ڪائونسل ڏانهن نظرثاني لاءِ واپس اماڻڻ جو اختيار حاصل هوندو.
(3) ڪو به ضابطو تيستائين موثر نه هوندو جيستائين ان جي بورڊ طرفان منظوري نه ڏني وڃي.

سبب ڄاڻائڻ جو موقعو
Opportunity to show cause

26. (1) اٿارٽيون ۽ يونيورسٽي جون ٻيون بادبز هن ايڪٽ، اسٽيٽيوٽس ۽ ضابطن موجب قائدا جوڙيندبون ته جيئن انهن جي ڪاروهنوار هلائي سگهن ۽ گڏجاڻين جي وقت ۽ لاڳاپيل معاملن کي سنڀالي سگهن؛
بشرطيڪ بورڊ اٿارٽي يا بادي طرفان هن دفعه تحت جوڙيل ڪن به قاعدن ۾ ترميم ڪرڻ يا انهن کي ختم ڪرڻ جي هدايت ڪري سگهي ٿو؛

اپيل ۽ نظرثاني
Appeal to and Review by

بشرطيڪ وڌيڪ ته جيڪڏهن اهڙي اٿارٽي يا بادي بورڊ جي اهڙين هدايتن سان مطمئن نه آهي ته اها چانسيلر کي اپيل ڪري سگهي ٿي، جنهن جو فيصلو

حتمي هوندو.

(2) بورڊ يونيورسٽي سان لاڳاپيل ڪنهن معاملي بابت قاعدا جوڙي سگهي ٿو، جيڪي هن ايڪٽ تحت، خاص طور تي قانونن ۽ ضابطن ۾ بيان نه ڪيا ويا هجن.

باب -VI

يونيورسٽي فنڊ

27.(1) يونيورسٽي کي هڪ فنڊ هوندو، جنهن ۾ ان جي فيس، عطين، ٽرسٽس، تحفن، انڊومينٽس، گرانٽس ۽ ٻين سمورن وسيلن کان مليل رقم جمع ڪئي ويندي.

(2) يونيورسٽي جو ڪئپٽل ۽ ڪرنٽ خرچ ان جي ڪمائي ۽ فائونڊيشن طرفان ڪيل مدد ۽ ڪنهن ٻئي وسيلي، بشمول ٻين فائونڊيشنز، يونيورسٽيز ۽ فردن جي ۽ اهڙي وسيلي کان حاصل ڪيل رقم مان ڪيو ويندو.

پينشن، انشورنس، گريچوئٽي، پرووِيڊنٽ ۽ بينيوولينٽ فنڊ
Pension, insurance, gratuity, provident and benevolent fund

(3) ڪا به مدد، چندو يا گرانٽ جيڪا سڌيءَ ريت يا اڻ سڌيءَ ريت ڪا فوري طور يا ان جي نتيجي ۾ يونيورسٽي تي مالي ذميداري وجهي، يا جيڪا وقتي طور پروگرامن کان ٻاهر سرگرمين ۾ شامل هجي اهڙي رقم بورڊ جي اڳواٽ منظوري کانسواءِ قبول نه ڪئي ويندي.

(5) اڪائونٽس، آڊيٽر جي رپورٽ سان گڏ، بورڊ کي منظوري لاءِ پيش ڪيا ويندا.

(6) آڊيٽر جي رپورٽ تصديق ڪندي ته آڊيٽر، آڊٽ رپورٽ چارٽرڊ اڪائونٽنٽس آف پاڪستان جي اداري جي معيار موجب جوڙي آهي.

باب -VII

عام گنجائشون

اختيارين جي ميمبرن جي مدي جي شروعات
Commence of term of members of authorities

28. يونيورسٽي جو ڪو ملازم ملازمت تان رٽائر اختيارين ۾ عارضي

ڪندو:

(i) اهڙي تاريخ تي، جڏهن هن ملازمت جا پنجويهه سال مڪمل ڪيا هجن، ان ڪانوپوءِ اهو پينشن يا پين رٽائرمينٽ جي فاعدن لاءِ اهل هوندو، جيئن مجاز اختياري هدايت ڪري؛

بشرطيڪ ڪنهن به ملازم کي تيستائين رٽائر نه ڪيو ويندو، جيستائين ان کي هٽائڻ واري قدم کڻڻ جي حقيقتن کان آگاهه نه ڪيو وڃي ۽ ان کي ان قدم خلاف سبب ڄاڻائڻ جو موزون موقعو نه ڏنو وڃي؛ يا

(ii) جتي مٿي ڄاڻايل شق (i) موجب ڪا هدايت نه ڪئي وئي آهي، ته ست سال عمر جي مڪمل ٿيڻ تي.

آسامين تي پرتي
Filling of casual vacancies in authorities

29. سواءِ ان جي ته، ڪو عملدار، استاد يا يونيورسٽي جو پيو ڪو ملازم جيڪو مستقل عهدو رکندو هجي، ان جو رتبو گهٽايو نه ويندو يا برطرف يا لازمي طور ملازمت مان رٽائر نه ڪيو ويندو، جيستائين ان کي اهڙو قدم کڻڻ خلاف سبب ڄاڻائڻ جو موزون موقعو فراهم نه ڪيو وڃي.

اختيارين جي ميمبر بابت تڪرار
Disputes about members of authorities

30. (1) جتي يونيورسٽي جي ڪنهن ملازم کي سزا جو حڪم جاري ڪيو ويو اهي (سواءِ وائيس چانسيلر جي) يا ان جي ملازمت جي شرطن ۽ ضابطن ۾ ڄاڻايل موجب تبديل ڪيو وڃي يا ان جي نقصان جي ترجماني ڪري، ان کي، جتي حڪم وائيس چانسيلر طرفان جاري ڪيو ويو هجي يا ڪنهن ٻئي عملدار يا يونيورسٽي جي استاد طرفان جاري ڪيو ويو هجي، اهڙي حڪم خلاف بورڊ کي اپيل ڪرڻ جو حق حاصل هوندو، جتي حڪم بورڊ طرفان جاري ڪيو ويو هجي، ان کي ان اختياري کي حڪم تي نظرثاني ڪرڻ لاءِ درخواست ڪرڻ جو

اختيارين جي ڪارروائين جي توثيق
Validity of proceedings of authorities

پهريون شيڊول

حق حاصل هوندو.

First Schedule

(2)نظرثاني لاءِ اپيل وائيس چانسيلر کي جمع ڪرائي ويندي، جيڪو ان کي پنهنجي خيالن ۽ ڪيس جي رڪارڊ سان گڏ بورڊ جي سامهون رکندو.

ڪارروائي تي پابندي
Bar of jurisdiction

(3) اپيل ۽ نظرثاني تي ڪو به حڪم جاري نه ڪيو ويندو، جيستائين اپيل ڪندڙ يا درخواست گذار، جيئن معاملو هجي، کي ٻڌڻ جو موقعو فراهم نه ڪيو وڃي.

ضمانت
Indemnity

31. (1) يونيورسٽي ملازمن جي پلائي لاءِ ۽ شرطن موجب جيئن بيان ڪيو يوو هجي، اهڙي پينشن، انشورنس، گريچوئٽي، پرووِيڊنٽ فنڊ ۽ بينيوولينٽ فنڊ قائم ڪندي جيئن اها مناسب سمجهي.

(2) جتي ڪو پرووِيڊنٽ فنڈ هن ايڪٽ تحت قائم ڪيو ويو هجي، پرووِيڈنٽ فنڈس ايڪٽ، 1925 جون گنجائشون اهڙي فنڈ تي لاڳو ٿينديون.

قانون ساز ادارا
Constituent institutions

32. جڏهن نئين جوڙيل اٿارٽي جو ڪو ميمبر مقرر يا نامزد ڪيو ويو آهي، ان جي ملازمت جا شرط، جيئن هن ايڪٽ تحت طئي ڪيا ويا آهن، اهڙي تاريخ کان لاڳو ٿيندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

ڊسيپلين
Discipline

33. ڪنهن اٿارٽي جي مقرر ڪيل يا نامزد ڪيل ميمبرز ۾ ڪنهن عارضي آسامي کي ان شخص يا بادي طرفان جنهن ان ميمبر کي مقرر يا نامزد ڪيو هو، جيترو جلد ٿي سگهي پريو ويندو، ۽ آسامي تي مقرر ڪيل يا نامزد ڪيل شخص اهڙي اٿارٽي جو رهيل عرصي لاءِ ميمبر ٿيندو، جنهن شخص جي جاءِ تي اهو اٿارٽي جو ميمبر ٿيو آهي.

رنڊڪون هٽائڻ
Removal of difficulties

بشرطيڪ جتي اٿارٽي ۾ ڪا آسامي هجي، سواءِ بورڊ جي، اها ان سبب جي ڪري پري نه ويندي ته

ميمبر ايڪس آفيشو هيو، ۽ عهدو ختم ڪيو ويو هجي، يا تنظيم، ادارو يا ڪا ٻي بادي، سواءِ يونيورسٽي جي ختم ڪئي وئي هجي يا ڪم ڪان روڪي وئي هجي، يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري اها غير فعال ٿي وئي هجي، اهڙي آسامي اهڙيءَ ريت ڀري ويندي جيئن چانسيلر بورڊ جي سفارش تي هدايت ڪري.

فيڪلٽيز
Faculties

34. (1) جيستائين ڪجهه هن ايڪٽ جي متضاد نه هجي، ڪنهن اٿارٽي ۾ نامزد ڪيل يا مقرر ڪيل ڪو شخص ڪنهن اٿارٽي جو ميمبر نه رهندو، جيڪڏهن هو ان عهدي تي نه رهيو آهي جتان ۽ جنهن لاءِ اهو نامزد يا مقرر ڪيو ويو هجي.

(2) جيڪڏهن ڪنهن شخص جي اٿارٽي جي ميمبر ٿيڻ تي ڪو سوال اٿاريو وڃي ٿو، ته معاملو چانسيلر چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ يا هاءِ ڪورٽ جو جج، جيڪو بورڊ جو ميمبر آهي ۽ چانسيلر جو نامزد ڪيل تي ٻڌل ڪميٽي ڏانهن اماڻيو ويندو ۽ ڪميٽي جو فيصلو حتمي هوندو.

35. ڪنهن اٿارٽي جو ڪو قدم، ڪارروائي، ٺهراءُ يا فيصلو فقط ڪنهن آسامي يا جوڙجڪ ۾ نقص يا اٿارٽي جي ميمبر جي مقرري ۽ نامزدگي ۾ ڪنهن نقص جي صورت ۾ غير موثر نه هوندو.

36. جيستائين ڪجهه هن ايڪٽ جي متضاد نه هجي، شيڊول ۾ طئي ڪيل قانون، دفعه 24 تحت جوڙيل قانون سمجهيا ويندا ۽ تيستائين لاڳو رهندا جيستائين ترميم ڪيا وڃن يا هن ايڪٽ تحت جوڙيل نون قانونن سان تبديل ڪيا وڃن.

37. هن ايڪٽ تحت سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن

ڪم يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي تي ڪنهن عدالت کي غور هيٺ آڻڻ، ڪارروائي ڪرڻ يا ڪو حڪم جاري ڪرڻ جو اختيار حاصل نه هوندو.

38. هن ايڪٽ تحت سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي تي حڪومت، يونيورسٽي يا ڪنهن اختياري يا حڪومت جي ملازم يا يونيورسٽي يا ڪنهن شخص خلاف ڪو مقدمو يا قانوني ڪارروائي نه ٿيندي.

39. جيستائين ڪجهه هن ايڪٽ جي متضاد نه هجي، تيستائين هيٺيان ادارا هوندا، جيئن هن ايڪٽ ۾ بيان ڪيو ويو آهي:

1.بقائي ميڊيڪل ڪاليج.

2.بقائي ڊينٽل ڪاليج.

3.انسٽيٽيوٽ آف هيماٽولاجي.

4.انسٽيٽيوٽ آف هيلٿ مئنيجمينٽ.

5.انسٽيٽيوٽ آف ريپروڊڪٽو سائنسز.

6.انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل ٽيڪنالاجي.

7.سينٽر آف ميڊيڪل ايجوڪيشن ڊولپمينٽ.

40. يونيورسٽي کي يونيورسٽي ۽ ادارن جي شاگردن جي نظم ضبط تي ڇاڻايل طريقيڪار موجب نظرداري ڪرڻ جو اختيار ۽ ضابطو هوندو.

41. جيڪڏهن هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ تي ڪنهن اختياري جي جوڙجڪ يا ٻيهر جوڙجڪ ۾ ڪا رنڊڪ پيش اچي يا هن ايڪٽ جي گنجائش کي لاڳو ٿيڻ ۾ ڪا رنڊڪ پيش اچي، چانسيلر اهڙي رنڊڪ کي هٽائڻ لاءِ خاص هدايتون جاري ڪري سگهي ٿو.

شيڊول

پهريان قانون

(ڏسو دفعه 36)

ٽيچنگس ڊپارٽمينٽس
Teaching Department

بورڊ آف اسٽڊيز
Board of Studies

1.(1) يونيورسٽي ۾ هيٺيون فيڪلٽيز شامل هونديون:
(a) بنيادي ميڊيڪل سائنسز جي فيڪلٽي
(b) دوائن ۽ ڏندن جي فيڪلٽي
(c) نرسنگ جي فيڪلٽي
(d) بايولاجيڪل سائنسز جي فيڪلٽي
(e) فارماسوٽيڪل سائنسز جي فيڪلٽي
(f) هيلٿ مئنيجمينٽ جي فيڪلٽي
(g) اهڙي ٻي ڪا لاڳاپيل سائنسز جي فيڪلٽي جيئن قانونن ۾ بيان ڪئي وئي هجي.
(2) هر فيڪلٽي ۾ اهڙا ادارا، ٽيچنگ ڊپارٽمينٽ، سينٽرس يا ٻيا پڙهائي ۽ تحقيق جا يونٽ شامل هوندا، جيئن قانونن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.
2. (1) هر فيڪلٽي جو هڪ بورڊ هوندو، جيڪو مشتمل هوندو:
(a) ڊين؛
(b) پروفيسرس، ايسوسيئيٽ پروفيسرس ۽ فيڪلٽي ۾ شامل ٽيچنگ ڊپارٽمينٽس جا چيئرمين؛
(c) فيڪلٽي ۾ شامل هر بورڊ آف اسٽڊيز جو هڪ ميمبر، لاڳاپيل بورڊ آف اسٽڊيز طرفان نامزد ڪيو ويندو؛ ۽
(d) ٽي استاد اڪيڊڪ ڪائونسل طرفان انهن جي مضمون ۾ خاص ڄاڻ جي بنياد تي نامزد ڪيا ويندا، جيڪي جيتوڻيڪ فيڪلٽي به پاڙهيا ويندا، انهن کي اڪيڊمڪ ڪائونسل جي خيال ۾، فيڪلٽي حوالي ڪيل مضمونن تي خاص ذميواري هوندي.
(2) ذيلي دفعه (1) جي شق (c) ۽ (d) ۾ ڄاڻايل ميمبرس ٽن سالن لاءِ عهدو رکندا.
(3) فيڪلٽي جي بورڊ جي گڏجاڻي جو ڪورم ان جي ڪل ميمبرن جي اڌ برابر هوندو، جيڪو هڪ

جي نسبت سان ڳٽيو ويندو.

(4) هر فيڪلٽي جو بورڊ اڪيڊمڪ ڪائونسل ۽ بورڊ جي عام ضابطن موجب، اختيار رکندو.

بورڊ آف ايڊوانس اسٽڊيز اينڊ ريسرچ
Board of Advance studies and research

(a) فيڪلٽي کي سونپيل مضمونن جي پڙهائي ۽ تحقيق بابت ڪوآرڊينيٽ ڪرڻ؛

(b)فيڪلٽي ۾ شامل بورڊ آف اسٽڊيز طرفان تجويز ڪيل ڪورسز ۽ نصاب جي چنڊ چا ڪرڻ ۽ انهن کي پنهنجي مشاهدي سان گڏ اڪيڊمڪ ڪائونسل ڏانهن اماڻڻ؛

(c) فيڪلٽي ۾ شامل بورڊ آف اسٽڊيز جي سفارشن جي چنڊ چاڻ ڪرڻ، پيپر سيٽرز ۽ ممتحنن جي مقرري تي، سواءِ ريسرچ ۽ ڊگري ممتحنن جي جيڪي وائيس چانسيلر ڪندو؛ ۽

(d) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

3.(1) هر فيڪلٽي جو ڊين هوندو جيڪو بورڊ آف فيڪلٽي جو چيئرمين هوندو، ۽ چانسيلر طرفان وائيس چانسيلر جي سفارش تي فيڪلٽي ۾ سڀ کان سينئر ٽن پروفيسرن منجهان نامزد ڪيو ويندو.

(2) ڊين ٽن سالن کان عهدو رکندو.

(3) ڊين فيڪلٽي ۾ ايندڙ ڪورسز جي ڊگريز ۾، سواءِ اعزازي ڊگريز جي، داخلا لاءِ اميدوار پيش ڪندو.

(4) ڊين اهڙا ٻيا اختيار استعمال ڪندو ۽ اهڙيون ٻيون ذميواريون سرانجام ڏيندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

4. (1) هر مضمون يا لاڳاپيل مضمونن جي گروپ لاءِ هڪ ٽيچنگ ڊپارٽمينٽ هوندو، جيئن منظور ڪيو ويو هجي ۽ هر ٽيچنگ ڊپارٽمينٽ جو هڪ چيئرمين

سربراهه هوندو.

سليڪشن بورڊ
Selection Board

(2) ٽيچنگ ڊپارٽمينٽ جو چيئرمين هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب ڊپارٽمينٽ جي ڪم جو منصوبو جوڙيندو، انتظام ڪندو ۽ نظرداري ڪندو ۽ پنهنجي ڊپارٽمينٽ ۾ ڪيل ڪم بابت فيڪلٽي جي ڊين کي جوابده هوندو.

5. (1) هر مضمون يا مضمونن لاءِ هڪ ڏار بورڊ آف اسٽڊيز هوندو، جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي/

(2) هر بورڊ آف اسٽڊيز مشتمل هوندو:

(a) لاڳاپيل ٽيچنگ ڊپارٽمينٽ جو چيئرمين؛

(b) لاڳاپيل ٽيچنگ ڊپارٽمينٽ ۾ سمورا پروفيسر ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسر؛

(c) ٻه يونيورسٽي جا استاد، سواءِ پروفيسرز يا ايسوسيئيٽ پروفيسرز جي اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان مقرر ڪيا ويندا.

(d) ٽي ماهر، سواءِ يونيورسٽي جي استادن جي، وائيس چانسيلر طرفان مقرر ڪيا ويندا.

سليڪشن پروموشن بورڊ جو ڪم
Function of the Selection promotion board

(3) سواءِ ايڪس آفيشو ميمبرز جي بورڊ آف اسٽڊيز جي ميمبرز جي آفيس جو مدو ٽي سال هوندو.

(4) بورڊ آف اسٽڊيز جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ميمبرز جي ڪل انگ جي اڌ برابر هوندو، جنهن جي نسبت هڪ برابر هوندي؛

(5) لاڳاپيل يونيورسٽي ٽيچنگ ڊپارٽمينٽ جو چيئرمين بورڊ آف اسٽڊيز جو چيئرمين ۽ ڪنوينر هوندو؛

(6) بورڊ آف اسٽڊيز جا ڪم هن ريت هوندا:

(a) اٿارٽيز کي لاڳاپيل مضمونن ۾ تدريس، تحقيق ۽ امتحانن سان لاڳاپيل سمورن معاملن بابت صلاح ڏيڻ؛

(b) مضمون يا لاڳاپيل مضمون ۾ سمورين ڊگريز،

ڊپلوما ۽ سرٽيفڪيٽ ڪورسز لاءِ ڪورس ۽ نصاب تجويز ڪرڻ؛
(c) لاڳاپيل مضمونن ۾ پيپرس سيٽرس ۽ ممتحنن جي نالن جو پينل تجويز ڪرڻ؛
(d) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.
6. (1) هڪ اعليٰ تعليم ۽ تحقيق جو بورڊ هوندو، جيڪو مشتمل هوندو:
(a) وائيس چانسيلر، جيڪو چيئرمين هوندو؛
(b) ڊينس؛
(c) ٽي يونيورسٽي جا پروفيسرز، سواءِ ڊينس جي، بورڊ آف گورنرس طرفان نامزد ڪيا ويندا؛
(d) ٽي يونيورسٽي استاد، جن کي تحقيق جي اهليت ۽ تجربو هجي، اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان مقرر ڪيا ويندا؛ ۽
(e) پروفيسرس اميريٽس.
(2) ايڪس آفيشو ميمبرس ڪانسواءِ اعليٰ تعليم ۽ تحقيق بورڊ جي ميمبرز جي آفيس جو مدو ٽي سال هوندو.
(3) اعليٰ تعليم ۽ تحقيق بورڊ جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ڪل ميمبرز جي انگ جي اڌ برابر هوندو، جنهن جي نسبت هڪ برابر هوندي.
(4) اعليٰ تعليم ۽ تحقيق بورڊ جا ڪم هيٺين ريت هوندا:
(a) يونيورسٽي ۾ اعليٰ تعليم ۽ تحقيق کي هٿي وٺرائڻ سان لاڳاپيل سمورن معاملن تي اٿارٽيز کي صلاح ڏيڻ؛
(b) تحقيقي ڊگريون ڏيڻ لاءِ لاڳاپيل ضابطا تجويز ڪرڻ؛

فنانس اينڊ پلاننگ ڪميٽي
The finance and planning committee

(c) تحقيق جي شاگردن کي انهن جي تحقيق جي ٿيسز جو مضمون طئي ڪرڻ ۽ ان لاءِ سپر وائيزر مقرر ڪرڻ؛
(d) تحقيقي امتحانن لاءِ ان سلسلي ۾ بورڊ آف اسٽڊيز جي تجويزن تي غور ڪرڻ ڪانپوءِ پيپر سيٽرز ۽ ممتحنن جي نالن جو پينل تجويز ڪرڻ؛ ۽
(e) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن قانونن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.
7. (1) هڪ سليڪشن بورڊ هوندو، جيڪو هيٺين تي مشتمل هوندو:
(a) وائيس چانسيلر جيڪو چيئرمين هوندو؛
(b) سنڌ هاءِ ڪورٽ جو هڪ جج جيڪو چيف جسٽس طرفان نامزد ڪيو ويندو.
(c) بورڊ طرفان ٻه نالياورا ماڻهو نامزد ڪيا ويندا؛ بشرطيڪ انهن مان ڪو به يونيورسٽي جو ملازم نه هوندو؛
(d) لاڳاپيل فيڪلٽي جو ڊين؛
(e) لاڳاپيل ٽيچنگ ڊپارٽمينٽ جو چيئرمين؛
(f) فائونڊيشن طرفان نامزد ڪيل هڪ شخص.
(2) ايڪس آفيشو ميمبرس کانسواءِ سليڪشن بورڊ جي ميمبرز جي آفيس جو مدو ٽي سال هوندو.
(3) سليڪشن بورڊ جو ڪورم پنج ميمبر هوندو.
(4) سليڪشن بورڊ جو ڪو به ميمبر جيڪو جنهن آسامي تي مقرري لاءِ اميدوار آهي، اهو سليڪشن بورڊ جي ڪارروائي ۾ حصو نه وٺي سگهندو.
(5) پروفيسرس ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسرس جي عهدن تي اميدوارن جي چونڊ ۾، سليڪشن بورڊ ٽن ماهرن کي مقرر ڪندو يا انهن سان مشورو ڪندو ۽ ٻين ٽيچنگ پوسٽس تي اميدوار چونڊڻ ۾، لاڳاپيل مضمون

افيليئيشن ڪميٽي
Affiliation Committee

۾ ٻه ماهر وائيس چانسيلر طرفان نامزد ڪيا ويندا، سليڪشن بورڊ جي سفارش تي بورڊ طرفان منظور ڪيل هر مضمون جي ماهرن جي فهرست منجهان ۽ وقت به وقت نظرثاني ڪئي ويندي.

8. (1) سليڪشن بورڊ اشتهار جي نتيجي ۾ سمورين ٽيچنگ ۽ ٻين آسامين تي وصول ٿيندڙ درخواستن تي غور ڪندو ۽ اهڙين آسامين تي موزون اميدوارن جا نالا مقرري لاءِ بورڊ کي تجويز ڪندو.

(2) سليڪشن بورڊ موزون ڪيس ۾ سبب رڪارڊ ڪرڻ لاءِ بورڊ کي اعليٰ شروعاتي پگهار جي گرانٽ جي سفارش ڪري سگهي ٿو.

(3) سليڪشن بورڊ اعليٰ تعليمي يافته شخص کي يونيورسٽي ۾ عهدي تي مقرري لاءِ شرطن ۽ ضابطن موجب بورڊ کي سفارش ڪري سگهي ٿو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(4) سليڪشن بورڊ يونيورسٽي جي سمورن عملدارن جي ترقين جا سمورا ڪيس غور هيٺ آڻيندو ۽ موزون زميدوارن جا اهڙين ترقين لاءِ نالا بورڊ کي اماڻيندو.

(5) سليڪشن بورڊ ۽ بورڊ جي راءِ ۾ فرق جو مسئلو حل نه ٿيڻ تي، معاملو چانسيلر ڏانهن اماڻيو ويندو، جنهن جو فيصلو حتمي هوندو.

9. (1) هڪ فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي هوندي، جيڪا هيٺين تي مشتمل هوندي:

(a) وائيس چانسيلر، جيڪو چيئرمين هوندو؛

(b) فائونڊيشن جا ٻه نامزد ڪيل؛

(c) بورڊ جو هڪ نامزد ڪيل؛

(d) فنانس ۽ پلاننگ جي ميدان ۾ ماهر ٻه ڄڻا چانسيلر طرفان نامزد ڪيا ويندا؛

(e) هڪ ڊين چانسيلر طرفان وائيس چانسيلر جي سفارش تي نامزد ڪيو ويندو؛ ۽
(f) يونيورسٽي جو ڊائريڪٽر فنانس ميمبر/سيڪريٽري هوندو؛
(2) فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم پنج ميمبرس هوندو؛
(3) ايڪس آفيشو ميمبرس ڪانسواءِ فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي جي ميمبرس جي آفيس جو مدو ٽي سال هوندو؛
10. فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي جا ڪم هيٺين ريت هوندا:
(a) سالياني اڪائونٽ اسٽيٽ مينٽ تي غور ڪرڻ ۽ سالياني ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ ڪاٿن تي غور ڪرڻ ۽ بورڊ کي ان سلسلي ۾ صلاح ڏيڻ؛
(b) يونيورسٽي جي مالي بيهڪ جو سلسليوار جائزو وٺڻ؛
(c) بورڊ کي پلاننگ، ڊولپمينٽ، فنانس انويسٽمينٽ ۽ يونيورسٽي جي اڪائونٽس سان لاڳاپيل سمورن معاملن تي صلاح ڏيڻ؛
(d) ٿوري مدي ۽ ڊگهي مدي وارا ترقياتي منصوبا تيار ڪرڻ؛
(e) اسٽاف ۽ ريسورس ڊولپمينٽ منصوبا تيار ڪرڻ؛
(f) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ، جيڪي قانونن ۾ بيان ڪيل هجن.
11. هڪ افيليئيشن ڪميٽي هوندي، جيڪا هيٺين تي مشتمل هوندي:
(a) وائيس چانسيلر، جيڪو چيئرمين هوندو؛
(b) بورڊ جو هڪ ميمبر جيڪو بورڊ طرفان نامزد ڪيو ويندو؛

(c) ٻه پروفيسر اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان نامزد ڪيا ويندا؛

(2) ايڪس آفيشو ميمبرن ڪانسواءِ ڪميٽي جي ميمبرن جي آفيس جو مدو ٻه سال هوندو؛

(3) افيليئيشن ڪميٽي ماهر مقرر ڪندي، جيڪي ٽن کان وڌيڪ نه هوندا.

(4) افيليئيشن ڪميٽي جي گڏجاڻي يا جاچ جو ڪورم ٽي ميمبر هوندو.

(5) يونيورسٽي جو هڪ عملدار وائيس چانسيلر طرفان ڪميٽي جي سيڪريٽري طور مقرر ڪيو ويندو.

نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.